
# سِنڌُو ڀارتيِ

## دَرجو ڇهون

## سِنڌيِ



# ڀارتيه سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## ٻنيادي فرض

**قلم 51A**

**ٻُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

پهريون ڇاپو : 2016
سڏاريل ڇاپو : 2022

© مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي ۽ اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل
پُڻي ۴۱۱۰۰۴.
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي ۽ اَڀياسڪرم منڊل وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪو بہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کانسواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

سنڌي ڀاشا سمتي ۽ | ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سياپتي
اَڀياس ڳٽ سمتي: | شري اَشوڪ ڪملداس مکتا ميمبر
شريمتي ميران مهيش ڳدواڻي ميمبر
شري وجيہ راجڪمار منگلاڻي ميمبر
شري گووردن شرما ’گهايل‘ ميمبر
شريمتي راجيشري چينانند ٽيڪچنداڻي ميمبر
شريمتي ڪاجل اَنيل رامچنداڻي ميمبر

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني
اِنچارج وشيش اڌڪاري سنڌي

سنيوجن سهايہ : شريمتي گيتا ڳٽيش ٺاڪر
ڪاپي رائيٽر سنڌي

ٽائيپ سيٽنگ : شريمتي شوڀا لعلچنداڻي - ممبئي

چترڪار: ڪماري سوپنالي وجيہ ڪمار اُپاڌيہ

نرمتي : شري سچيتانند آڦڙي (مکيہ نرمتي اَڌڪاري)
شري سنديپ آجگانوڪر (نرمتي اَڌڪاري)

پرڪاشڪ : شري وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرولر
پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل
پرڀا ديوي، ممبئي - ٢٥.

ڪاغذ : ٧٠ جي. ايس. ايم. ڪريم وو

پرنٽنگ آرڊر: N/PB/2022-23/Qty.

ڇاپيندڙ : M/s

منظوري نمبر : م را ش س پر پ / اوو / ش پر / ٢٠١٥-١٦ / ١٦٧٣ تاريخ ٦-٤-٢٠١٦

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

YFAZYH



# سِنڌو پارِتي

## ڏَرجو ڇهون

## سِنڌِي

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي وَ اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ ٺاهڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# * پرستاونا *

’قومي سکيا خاڪو ۲۰۰۵‘ ۽ ٻارن لاءِ مفت ۽ لازمي تعليم جو حق قانون ۲۰۰۹‘ انوسار مهاراشٽر راجيہ ۾ پرائمري تعليم اڀياس ڪرم ۲۰۱۲ تيار ڪيو ويو. هن سرڪاري منظور ڪيل اڀياسڪرم موجب درسي ڪتابن جي نئين مالها ۱۴-۲۰۱۳ تعليمي سال کان درجي بہ درجي پاٺيہ پُستڪ منڊل شايع ڪري رهيو آهي. انگريزي ماڌيمن جي درجي ڇهين لاءِ سنڌي جو ڪامپوزٽ اڀياسڪرم ’سنڌو ڀارتي‘ هي پاٺيہ پُستڪ تيار ڪيو ويو آهي. هي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

سکڻ ۽ سيکارڻ جي ڪارروائي ٻال مرڪزي ۽ مزيدار ٿئي، عملي ڪمن تي زور ڏنل هجي اهو نظريو ڌيان ۾ رکي هي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. هن درجي جي آخر ۾ شاگردن کي کهڙيون لياقتون حاصل ڪرڻيون آهن. ان لاءِ درسي ڪتاب ۾ ڀاشا وشيہ لاءِ ضروري لياقتن ۽ حاصلات جي ڄاڻ ڏني آهي.

ڪامپوزٽ ڀاشا سکندڙ شاگردن کي ڌيان ۾ رکي هن ڪتاب جا سبق ۽ ڪوتائون چونڊيا ويا آهن. ڀاشا جي هنر ۽ وڪاس لاءِ الڳ انداز ۾ اڀياس هدايتون ۽ مشغوليون ڏنيون ويون آهن. شاگرد نوان لفظ، پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح چڱي طرح استعمال ڪن اُن ڪري هي سڀ وٽندڙ ۽ سؤلي نموني ڏنل آهي.

سنڌي ڀاشا سمتي، اڀياس گٽ ميمبرن ۽ چترڪار جي گڏيل محنت سان هي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب وڌ ۾ وڌ بي نقص معياري ٿئي، اُن لاءِ راجيہ جي الڳ الڳ ڀاڱن مان چونڊ اُستادن ۽ تعليمي ماهرن کان هن ڪتاب جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي آيل راين ۽ ويچارن جو سنڌي سمتي مناسب ڌيان رکي هن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو آهي منڊل انهن سڀني جو تهدل شڪر گذار آهي. اُميد تہ شاگرد، ماستر ۽ مائٽ هن ڪتاب جو سواگت ڪندا.



(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پڻي :

تاريخ : ۹ مي ۲۰۱۶ اکڻ تيج

ڀارتيہ سوريہ ۱۹ ويساک ۱۹۳۸.

# درجو ڇهون سنڌي

| سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا | علمي حاصلات |
|---|---|
| سکندڙن کي ٻن يا گروپس / اَڪيلي ۾ وجهه ڏنا وڃن ۽ همٿايو تہ...<br><br>• گهر، پسگردائيءَ ۾ آزمودو آيل، ڏنل گهٽنائن، قصن بابت ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي. پنهنجا ويچار ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.<br><br>• اَخبارن، مخزن، ۽ ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُتساهہ جاڳايو ۽ پڙهيل ڳالهين جهڙوڪ رانديون، ميلن ۽ منورنجن، وڳيان بابت ٻڌائڻ لاءِ همٿايو.<br><br>• گيت بيت سُرتال سان ٻڌائڻ لاءِ پاڻ ڳائي يا سي. ڊي دوران ٻڌڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو ۽ ڪين ڪو وشيہ ڏيئي ننڍا گيت، ڪويتائون پنهنجي ڪلپنا سان ناهي ٻڌائڻ لاءِ چئو.<br><br>• ناٽڪ ۾ الڳ الڳ ڪردار ڏيئي اَداڪاري ڪري ناٽڪ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيو.<br><br>• ڪو وشيہ ڏيئي اُن تي خط، ننڍا مضمون آڪاڻي، پنهنجا ويچار ٻڌائڻ يا لکڻ لاءِ ڏيو.<br><br>• ڪنهن ڳالهہ جي شروعات ڪري، يا ڪي ڪردار ڏيئي آکاڻي، قصو، گهٽنا، گفتگو لکڻ لاءِ ڏيو.<br><br>• ٻُڌل، پڙهيل ڏکين لفظن کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اُپيوگ ڪرڻ لاءِ همٿايو.<br><br>• الڳ الڳ مشغوليون، چٽاپيٽيون ڀاشا جون رانديون ڪرايو.<br><br>• ڀاشا جي الڳ الڳ جيئن تہ اِسم ضمير، ساڳئي معنيٰ وارا لفظ وغيره سمجهائي اُپيوگ ڪرڻ لاءِ سيکاريو.<br><br>• مقرر وقت ڏيئي صحيح اُچار ۽ بيهڪ جي نشانين کي ڪم آڻي پڙهڻ جو آزمودو ڏيڻ.<br><br>• اَهڙي قسم جون آکاڻيون، جيونيون قصا، گهٽنائون پڙهڻ لاءِ همٿايو يا ٻڌايو جنهن مان ديش پريم ۽ فرض جي پاونا جاڳي، وڏن سان عزت پريو وهنوار، اِنتظام سکن ۽ سندن پاونائن کي سمجهڻ جو واڌارو ٿئي.<br><br>• اِنٽرنيٽ، يوٽيوب وغيره ذريعي الڳ الڳ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو. | سکندڙ:<br><br>• 06.LQ.01 گهر ۽ پسگردائيءَ ۾ روايتي ۽ غير روايتي ٿيندڙ گفتگو، ڳالهہ ٻول بحث مباحثي ۾ شامل ٿي پنهنجا ويچار آتم وشواس سان پيش ڪن ٿا.<br><br>• 06.LQ.02 رانديون، ميلن ۽ منورنجن، وڳيان جي ڪيتر ۾ ٻُڌل پڙهيل، ڏنل گهٽنائن، واقعن بابت گفتگوءَ ۾ پنهنجا ويچار اَدبي ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪريٿو.<br><br>• 06.LQ.03 گيت بيت، ڪويتائون سُرتال ۾ ڳائين ٿا. پنهنجي ڪلپنا سان پنجن سٽن جملن واريون ڪويتائون، گيت ناهين ٿا.<br><br>• 06.LQ.04 ڏنل وشيہ تي مضمون، خط، قصا يا ڏنل لفظن / ڪردارن / حالتن ۾ ڪلپنا ڪري آکاڻي قصو لکن ٿا.<br><br>• 06.LQ.05 ساهتيہ يا درسي ڪتاب جي پڙهڻ وقت ايندڙ ڏکين لفظن جي معنيٰ کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اُپيوگ ڪريٿو ۽ اُهي روزمرهہ جي ڳالهائڻ ۾ ڪم آڻي ٿو.<br><br>• 06.LQ.06 ڏنل هدايتون، سوچنائون ٻُڌي، پڙهي عمل ۾ آڻي ٿو.<br><br>• 06.LQ.07 صحيح رفتار سان ڏنل سچاٽل / اڻ سچاٽل مذڪور بيهڪ جي نشانين موجب صحيح لاهي چاڙهي سان صحيح اُچار ۾ پڙهي ٿو.<br><br>• 06.LQ.08 الڳ الڳ چٽاپيٽين، مشغولين ۾ چاهہ سان ڀرو وٺي ٿو.<br><br>• 06.LQ.09 ريڊيو. ٽي. وي. اَخبار وغيره ۾ ٻڌايل خبرون ڄاڻ، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريٿو.<br><br>• 06.LQ.010 ڏنل مذڪور تي سوال پڇن ٿا ۽ سوالن جا جواب بہ ڏين ٿا.<br><br>• 06.LQ.11 ديش پريم ۽ فرض جي ڀاونا جاڳي ٿي. اُن کي صاف ۽ سٺو رکڻ جي اَهميت سمجهن ٿا.<br><br>• 06.LQ.12 وڏن سان عزت پريو وهنوار، الڳ الڳ نموني جي ڀاونائن کي سمجهڻ جو واڌارو، فضيلت، اِنتظام جي اَهميت سکن ٿا.<br><br>• 06.LQ.13 اِنٽرنيٽ، يوٽيوب وغيره ذريعي سؤلائي سان ڄاڻ حاصل ڪري ٻڌائين ٿا. |

# فهرست


| نمبر | وشيہ | ليکڪ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١. | ڀارت ديش مهان (بيت) | ڪيمن موُلاڻي | 1 |
| ٢. | غريب جي دل | تيرٿ سڀاڻي | 3 |
| ٣. | ٻاوا ڳڙهہ جو سئر | — | 5 |
| ٤. | مزيدار پاچو (بيت) | هري دلگير | 9 |
| ٥. | ﻳڪ تندرستي هزار نعمت | — | 12 |
| ٦. | يوگيتا جي سڦلتا | — | 15 |
| ٧. | سائيڪل (بيت) | روپڪمار گهايل | 18 |
| ٨. | گفتگو | — | 20 |
| ٩. | اِنصاف | — | 23 |
| ١٠. | سُنا ٻار (بيت) | گوورڌن شرما | 26 |
| ١١. | دياوان دادا | ڊاڪٽر. ديال آشا | 28 |
| ١٢. | خط | — | 31 |
| ١٣. | لعل بهادر شاستري | — | 34 |
| ١٤. | مُندوُن | — | 37 |

# ١. ڀارت ديش مهان



## پڙهو. ڳايو.

اَسانجو ڀارت ديش مهان،
ساري دنيا ۾ سڀ کان وڏو،
جنهنجو اُچو شانُ،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

ذاتِ پاتِ جو هِتِ آ ميلو
رنگ ڀيد جو ڪو نه مسئلو،
هر پراڻيءَ ۾ ڏسون سدائين،
ٿا هڪڙو ڀڳوان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

پنهنجو پنهنجو فرض نڀايون،
ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڪين ڦٽايون،
اَعليٰ آدرش جي خاطرِ
جان ڪريون قربان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

آزادي اَڏڪار مڃون ٿا
اَهنسا سان سڀ پيار ڪيون ٿا،
نفرت کان ٿا ڪريوُن ڪنارو،
منو لڳي تو هر مهمان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

**نوان لفظ:**

مهان - وڏو    قربان - صدقي    نڀايون - پاليون    اَعليٰ - وڏو

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

۱) اَسين هر پراڻيءَ ۾ ڇا ٿا ڏسون؟

۲) شاعر اَعليٰ آدرشن بابت ڇا چيو آهي؟

۳) اَسان کي ڪهڙي ڳالهه کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي؟

**سوال ۲ : ڪوتا ۾ ڀارت ديش جي ڪهڙين خوبين جو ورڻن ڪيل آهي؟**

**سوال ۳ : جوڙا ملايو:-**

| الف | ب |
|---|---|
| ۱) ذات پات جو | ۱) ڪين ڦٽايون |
| ۲) پنهنجو پنهنجو | ۲) ڪريون ڪنارو |
| ۳) نفرت کان ٿا | ۳) فرض نڀايون |
| ۴) ڪڏهن بہ ڪنهن سان | ۴) هٿ آ ميلو |

**سوال ۴ : هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو:-**

مهان ............... مسئلو ............... فرض ............... رنگ ...............


**هدايت :-** اُستاد، شاگردن کي ديش جي آدرشن ۽ مهانتا بابت ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي :-** ماسٽر صاحب شاگردن کي ديش ڀڳتيءَ جا گيت گڏ ڪري لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس


۱. ڀارت جو قومي گُل، قومي جانور، قومي پکي، قومي ميوو لِکو.

۲. ڀارت مهان ديش آهي. اهو ڪيترين علحدين خوبين سان سينگاريل آهي. اهي خوبيون سوچي، هيٺين گولن ۾ لِکو.



# ٢. غريب جي دِل

پڙهو، پڙهو ۽ لکو.



هِڪڙو زَميندار هو. ايشور جي دَيا سان هوُ سکيو ستابو هو. هڪ ڏينهن هِڪُ غريب رُلندو پنندو زميندار جي گهر وٽ اَچي پهتو. غريب ڏاڍو ٿڪلُ هو ۽ کيس بک بہ لڳي هئي. زميندار کي ٻاڏائيندي چيائين، ’ڪُجهہ ڏينهن کان روٽيءَ جو هڪ ٽُڪر بہ پيٽ ۾ ڪونہ وڌو اٿم.‘ زميندار کي مٿس ديا ڪانہ آئي. غريب کي بکيو ئي هڪالي ڪڍيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ زميندار شِڪار ڪرڻ لاءِ هڪ جهنگل ۾ ويو. شڪار هٿ ڪونہ آيُس. اوندهہ ۾ رستو ڀُلجي پيو. ٿڪل زميندار کي بک بہ اَچي ڏاڍو ستايو. پَري کان هڪ جهوپڙي ڏسي، اُن طرف هلڻ لڳو.

جهوپڙيءَ ۾ اُهو ساڳيو غريب وينل ڏٺائين. زميندار هُن کي ڏسي چِرڪيو. شرم وچان، ڪجهہ گهرڻ لاءِ وات مان هڪ اکر بہ نہ نڪتس. غريب بہ کيس سڃاڻي ورتو. غريب سندس آدرڀاءُ ڪيو. اُن وقت جيڪي بہ وٽس ميسرُ هو، سو کارايائينس. رات جو سُمهڻ لاءِ کيس بسترو بہ وڇائي ڏنائين. صبح جو نيرن ڪرائي، رستو ڏيکاري روانو ڪيائينس.

جنهن غريب کي پاڻ لوڌي ڪڍيو هئائين، تنهنجو ايترو قرب ۽ مهمان نِوازي ڏسي زميندار ڏاڍو لڄي ٿيو.

دِل ۾ چيائين، تہ منهنجي بدَتر هلت عيوض، غريب مون سان جيڪا ڀلائي ڪئي آهي، تنهن مون کي چڱو سبق سيکاريو آهي.

**نوان لفظ :**

سکيو ستابو - آسودو خوشحال
عيوض - بدران
لوڌي ڪڍڻ - هڪالي ڪڍڻ
ٻاڏائڻ - ليلائڻ، مِنٿون ڪرڻ
آدرڀاءُ - عزت، مانُ
قُرب - پيار
لڄي ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ

## اَڀياس

سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-

۱) زميندار جي حالت ڪيئن هئي؟
۲) زميندار وٽ ڪير آيو؟
۳) جهنگل ۾ زميندار جو ڪهڙو حال ٿيو؟
۴) غريب زميندار سان ڪهڙي هلت هليو؟
۵) هن سبق مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟
۶) هن سبق ۾ ڏنل اِصطلاح ڳولهي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

سوال ۲ : ضد لکو :-

غريب.......................... ڏينهن .......................... اوندهه.......................... ڀلائي .......................... چڱو..........................

سوال ۳ : هيٺين جملن ۾ خال ڀريو :-

۱) ايشور جي ديا سان هوُ ......... هو.
۲) ٺڪ زميندار کي ......... ۽ اَڇي ڏاڍو ستايو.
۳) صبح جو نيرن ڪرائي ......... ڏيکاري روانو ڪيائينس.

| |
|---|
| هدايت :- ماستر شاگردن کي سمجهائيندو تہ گهرجائو، تڪليف ۾ آيل اَگر ڪوبہ آس پائي سامهون اَچي تہ وس آهر اُن جي مدد ڪرڻ گهرجي. <br> مشغولي :- ماستر شاگردن کي هن آکاڻيءَ جهڙي ڪا بي نندي آکاڻي، مائٽن جي مدد سان گهران لکي اچڻ لاءِ چوندو. |

## پورڪ اَڀياس

۱) هيٺ ڏنل جدا جدا حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا؟

۱) توهان جي دوست کي پڪنڪ تي هلڻ لاءِ پئسا ڪونہ آهن. ................
۲) توهان جي پاڙي ۾ ڪو ماڻهو پڙهيل نہ هجي. اُنکي اَخبار يا چِٺي پڙهڻي آهي. ................
۳) ٻڍي رستو پار ڪرڻ چاهي ٿي ۽ رستي تي آمدرفت جاري آهي. ........................
۴) ڪرڪيٽ کيڏندي بال سان ڪنهن گهر جو شيشو ٽُٽي پيو آهي. ......................
۵) توهان جو دوست يا ساهيڙي ڪجهہ ڏينهن کان اسڪول ۾ غير حاضر آهي. ..................

۲) هيٺين لفظن کي شفي لفظ (Positive) ۽ نفي لفظ (Negative) ۾ ورهايو.

ديا، نفرت، آدرڀاءُ، ڀلائي، مدد، غصو، سزا، پيار، ڌِڪار


| | |
|---|---|
| شفي لفظ | |
| نفي لفظ | |

۳. اِنساني گڻن جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏنل آهن خالي خانن ۾ بيا گُڻ ڀريو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پسن پکين لاءِ ديا | غريبن جي مدد | | | | | | |

# ٣. پاوا ڳڙھ جو سئر

ٻڌو. پڙھو ۽ مزو ماڻيو.



ناتال جي موڪلن ۾، اَسين ڪلاس جا سڀ وديارٿي پنھنجي ماستر سان گڏ پاوا ڳڙھ گھمڻ لاءِ تيار ٿياسين. پرتاب نگر اِسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ چڙھي سڀ ٻار تمام خوش ٿياسين.

گاڏيءَ ۾ ڪي ٻار موڄ مستي ڪرڻ، گيت ڳائڻ تہ ڪي وري نَچڻ ٽپڻ لڳا. اَسانجي ڪلاس ۾ ھڪ ٻار ڪي بنسري وڄائڻ ايندي ھُئي سو ھوُ سيني ٻارن ۽ ماسترن کي وندرائي رھيو ھو. گاڏي جڏھن چانپانير اِسٽيشن تي آئي تڏھن اَسين سڀ گاڏيءَ مان لھي سنڌوُدرگ ڌرمشالا ڏانھن روانا ٿياسين. اَسان رات اُتي ئي رھياسين.

ٻئي ڏينھن صبح جو سوير پھاڙ تي چڙھڻ شروع ڪيوسين. رستو ڏاڍو ھيٺ مٿي ۽ وَر وڪڙ ھو. رستي جي ٻنھي پاسي وڏا وڏا وڻ ھئا. وڻن ۽ ٻوٽن ۾ ڪِٿي ڪِٿي رنگبرنگي گُل ڦُل ڏسڻ ۾ پئي آيا. پکين منيون لاتيوُن پئي لنويوُن. ايتري ۾ سوُرج ديوتا درشن ڏنو. سج جي ڪرڻن سبب پھاڙ وڌيڪ جڳمڳائڻ لڳو. اَسان اِھو پڻ ڏٺو تہ ڪي ماڻھو ٽراليءَ ۾ چڙھي مٿي وڃي رھيا ھئا. اُتان چپن جي وچ مان پاڻيءَ جي ڌارا وھندڙ نظر اَچي رھي ھئي. ماستر ٻڌايو تہ ٻڙودا ۾ جيڪا وشوامتري ندي آھي سا ھيءَ اَٿو. پوءِ تہ سڀ ٻار پاڻيءَ ۾ ھٿ وجھي پاڻي ھڪ ٻئي مٿان اُڇلائڻ لڳا.

ڪجھہ وقت کان پوءِ ماستر چيو، ”ٻارو! ھيءَ بينڪ جي جاءِ آھي. ھينئر اَسين اَڏ پنڌ ڪري

چُڪا آهيون. هاڻي اَسانکي ٻُڪ بہ ڏاڍي لڳي آهي. سو اَسان سڀ گڏجي ناشتو ڪنداسين.'' اَسان اُتي ناشتو ڪري تازا توانا ٿي اَڳتي وڌياسين ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پاوا ڳڙهہ جي چوٽيءَ تي پهچي وياسين. اُتي هڪ ننڍو تلاءُ ڏسڻ ۾ آيو. اَسانکي ماستر ٻُڌايو تہ اُنکي 'کير تلاءُ' چوندا آهن، ڇو تہ هن تلاءُ جو پاڻي کير جهڙو اَڇو آهي.'

نيٺ پهاڙ جا ڏاڪا چڙهي مٿي ڪالي ماتا جي مندر وٽ پهتاسين. ڪالي ماتا جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿياسين. پهاڙ تان چوڌاري نظر ڦيرائڻ سان هيٺ چانپانير جو قلعو ۽ شهر ڏسڻ ۾ پئي آيا. ماڻهوءَ سندن گهر رانديڪن وانگر ننڍا ننڍا پئي لڳا.

گُهمي ڦري اَسين هيٺ لهڻ لڳاسين. لهڻ وقت هڪ وڏو تلاءُ ڏسڻ ۾ آيو جنهن کي 'آجوا تلاءُ' چوندا آهن. تڪڙا تڪڙا قدم کڻي پهاڙ تان هيٺ لٿاسين. ڌرمشالا ۾ ڪُجهہ وقت ترسي روٽي کائي شام واري گاڏيءَ ۾ چڙهي واپس موٽياسين. گاڏيءَ جي درين مان ڪيتري وقت تائين پاوا ڳڙهہ ڏسندا رهياسين. سچ پچ پاوا ڳڙهہ سئر ۾ اَسان کي ڏاڍو مزو آيو.

**نوان لفظ :**

جڳمڳائڻ - چمڪڻ　　لاتيون لِنوڻ - مِٺڙ گيت ڳائڻ　　چپ - وڏو پٿر

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) وديارٿين گاڏيءَ ۾ وقت ڪيئن گذاريو؟
۲) پهاڙ جو رستو ڪيئن هو؟
۳) پهاڙ تي مٿي چڙهندي، ٻارن ڇا ڇا ڏٺو؟
۴) پاوا ڳڙهہ ۾ ڪهڙا هنڌ ڏسڻ لائق آهن؟

**سوال ۲ : ضد لکو :-**

هيٺ ...................... رات ...................... اَندر ...................... آخر ............................

**سوال ۳ : هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

(۱) موڪل (۲) پهاڙ (۳) رنگبرنگي (۴) پکي (۵) مندر

**سوال ۴ : هيٺين جملن ۾ بيهڪ جون نشانيون ڏيو :-**

۱) ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ماستر چيو ٻارو هيءَ بينڪ جي جاءِ آهي.
۲) اَسانکي ماستر ٻڌايو تہ اُنکي کير تلاءُ چوندا آهن ڇو تہ هن تلاءُ جو پاڻي کير جهڙو اَڇو آهي.
۳) گاڏيءَ ۾ ڪي ٻار موڄ مستي ڪرڻ گيت ڳائڻ تہ ڪي وري نچڻ ٽپڻ لڳا.

**هدايت :-** ماستر شاگردن کي پاوا ڳڙهہ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ٻُڌائيندو.
**مشغولي :-** اَهڙي ٻئي وڻندڙ هنڌ جو ڪيل سئر شاگرد پنهنجي ڪاپيءَ ۾ گهران لکي ايندا ۽ ڪلاس ۾ اُنجو بيان ڪندا.

## پورڪ اَڀياس

١. هيٺ ڀارت جا گهمڻ جا ڪجهه مکيہ ڀهاڙي هنڌ ڏنل آهن.

گُجرات - ساپوتارا

هماچل پرديش - منالي

مڌيہ پرديش - پنچ مڑهي

راجستان - مائونٽ آبو

تامل ناڊو - اوُٽي

اُتراکنڊ - نئنيتال

مهاراشٽر ۾ گهمڻ لائق مکيہ ڀهاڙي آستانن جا نالا لکو. ................................................................

٢. ڏنل مثال موجب هينيان خال ڀريو :-

مثال : سهڪندي سهڪندي مٿي چڙهياسين. (سهڪڻ)

١) ............ رات گذري. (جاڳڻ)

٢) ............ ننڊ اَچي ويئي. (پڙهڻ)

٣) ............ هتي پهتو. (گهمڻ)

۴) ............ گهر پهتاسين. ( ڀائڻ)

۵) ............ اَکيوُن اَچي ٿڪيون. (ڏسڻ)

٣. راجيش ممبئيءَ جي دادر اِسٽيشن کان پوني ويو. هاڻي سفر جي مشغولين کي صحيح سلسلي ۾ لکو.

ٽئڪسيءَ ذريعي دادر اِسٽيشن تي پهچڻ، دادر اِسٽيشن تي پوني واري گاڏيءَ ۾ وهڻ. گهر کان ٽئڪسيءَ ۾ وهڻ، پوني اِسٽيشن تي گاڏيءَ ۾ پهچڻ، ٽڪيٽ بوڪ ڪرائڻ.

| | | |
|---|---|---|
| (١) | (٢) | (٣) |
| (۴) | (۵) | |

۴ . هيٺ ڏنل لفظن ۾ 'دار' جوڙي نوان لفظ ٺاهيو :

مثالُ : جَواب + دار = جوابدار

| | | |
|---|---|---|
| وفا ............ | دڪان ............ | دل ........ |
| زمين ........ | زور ........ | خبر ............ |
| هوا ........ | وزن ........ | اَثر ............ |

## ضمير

١. شيام ۽ راڌا چيو ’اَسان مندر ۾ وڃي رهيا آهيون.‘
٢. اَنيل، راج کي چيو ’تون اَڄ اِسڪول ضرور اَچج.‘
٣. گيتا ڪلاس مان واپس آئي، هُن ماءُ کي ڪلاس جو حال اَحوال ٻُڌايو.
۴. مينا : ’مون اَڄ راند کيڏي.‘

پهرين جملي ۾ ’اَسان‘ لفظ شيام ۽ راڌا لاءِ ڪم آندو ويو آهي.
ٻئين جملي ۾ ’تون‘ لفظ راج لاءِ چيو ويو آهي.
ٽئين جملي ۾ ’هُن‘ لفظ گيتا لاءِ ڪم آندل آهي.
چوٿين جملي ۾ ’مون‘ لفظ مينا لاءِ ڪم آندل آهي.
شيام، راڌا، راج، گيتا ۽ مينا اِهي لفظ **اِسم** آهن ۽ اَسان، تون، هُن ۽ مون **ضمير** آهن.

**جيڪو لفظ اِسم جي بدران اِستعمال ٿيندو آهي اُن کي ضمير چئبو آهي.**

**مثال :-** مان، تون، توهان، ڪير، اَسين، ڪجهه، هوُ، اُهي، وغيره.

**هيٺ ڏنل جملن ۾ ضمير چونڊيو :**

١. تون ۽ مان سياڻي بازار هلنداسين. ☐
٢. هوُ اِسڪول ۾ ويو. ☐
٣. اَڄ ڪير آيو هو؟ ☐
۴. اَسين پڪنڪ تي وينداسين. ☐
٥. تون اينديـن تـہ مان هلندس. ☐

## وندر جو وقت

ڏنل اَکر سان شروع ڪري مِثال موجب چوڪنڊا ڀريو :-

| | د | ج | م | پ | ڪ | س |
|---|---|---|---|---|---|---|
| نالو | دنيش | | | | | |
| ڪاڏي جو قسم | | | | | | سيرو |
| شيءِ | دروازو | | | | | |
| شهر | | جئپور | | | | |
| جانور | | | مينهن | | | |
| قدرتي نعمت | | | | پهاڙ | | |
| پيشيدار | | | | | ڪڙمي | |

# ۴. مزيدار پاچو

پڙهو ۽ ڳايو.



عجب منهنجو پاچو، مزيدار پاچو.

اِهو ڪارو ڪارو مزي موڄ وارو،
صفا هوُبهوُ آ، مون جهڙو پيارو،
ڪڏهن به نه مونکان ٿئي ڌار پاچو،
عجب منهنجو پاچو، مزيدار پاچو.

اَڪيلو نه گهاري، ڊِڄڻ آهي گيدي،
سندس رنگ ڪارو، پڪو آهه شيدي،
هوُ گوُنگو، ڪري ڪا نه گُفتار پاچو،
عجب منهنجو پاچو، مزيدار پاچو.

جتي آءٌ گهاريان، اُتي هوُ به گهاري،
صبح شام مون ساڻ گڏ ٿو گذاري،
نه ٿئي ڌار جيڪو، اُهو يار پاچو،
عجب منهنجو پاچو، مزيدار پاچو.

نه ٿو ڏيري ڏيري وڌي، ٻارڙن جيان،
ڪڏهن ڏِسُ وڏو ٿي وڃي، ٿو وڻن کان،
ڪڏهن ڏِسُ نه آهي، ننڍڙو ٻار پاچو،
عجب منهنجو پاچو، مزيدار پاچو.

اُٿيس مان سويرو، هو پريات ويلو،
ڏٺم ڪيس غائب، هيس مان اَڪيلو،
نه هوندو اُٿيو ننڊ مان، يار پاچو،
عجب منهنجو پاچو، مزيدار پاچو.

**نوان لفظ :**

هوُبهوُ - بلڪل ساڳيو　　پريات - اَسُر، صبح جو سويل　　گهاري - گذاري

گيدي - ڪانئر، ڏڄڻو　　گفتار - گفتگو　　گونگو - جيڪو ڳالهائي نه سگهي

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-

١) پاڇو ڪهڙي رنگ جو آهي؟

٢) پاڇو ڳيدي ڪيئن آهي؟

٣) ڪويءَ پاڇي کي ڪنهن وقت غائب ڏٺو؟

٤) پاڇو ڪويءَ جو يار ڪيئن آهي؟

سوال ٢ : هيٺين ۾ خال ڀريو :-

١) صفا .......... آ، مون جهڙو پيارو.

٢) اَڪيلو نہ ڳهاري .......... آهي ڳيدي.

٣) ڪڏهن ڏس تہ آهي ............... يار پاڇو.

سوال ٣ : جوڙا ملايو :-

| | |
|---|---|
| ١) اِهو ڪارو ڪارو | ڳڏ ٿو گذاري |
| ٢) هوءُ ڳونگو | هو پرڀات ويلو |
| ٣) صبح شام مون ساڻ | مزي موڄ وارو |
| ٤) اُٿيس مان سويرو | ڪري ڪانہ گُفتار پاڇو |

سوال ٤ : ساڳئي اُچار وارن لفظن جا جوڙا ملايو :-

ڳيدي، يار، مُنهنجو، ننڍڙو، ٻار، شيدي، تُنهنجو، وڏڙو

| | | | |
|---|---|---|---|
| (١)................<br>................ | (٢)................<br>................ | (٣)................<br>................ | (٤)................<br>................ |

سوال ٥ : بيت جون سٽون لکي پوريون ڪريو :-

١) اَڪيلو نہ ڳهاري ........................................ گُفتار پاڇو.

٢) اهو ڪارو ڪارو ........................................ ٽئي ڌار پاڇو.

هدايت :- ١) ماستر شاگردن کي بيت سُر تال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.

٢) ماستر شاگردن کي هٿ جي آڱرين سان اَلِڦ اَلِڦ آڪار جا پاڇا ٺاهي ڏيکارڻ لاءِ همٿائيندو.

مشغولي :- ماستر شاگردن کي پاڇوءَ عڪس جي وچ ۾ فرق سمجهائيندو.

## پورڪ اَڀياس

١ - بيت جي آڌار تي خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | واسطيدار لفظ | لفظ | واسطيدار لفظ |
|---|---|---|---|
| ١. مان | ......................... | ٤. بلڪل ساڳيو | ......................... |
| ٢. جيڪو ڳالهائي نہ سگهي | ......................... | ٥. نظر ڪان پري | ......................... |
| ٣. وقت | ......................... | ٦. جُدا | ......................... |

# پاڃين جو مارڪيٽ

ڏسو، ڄاڃيو ۽ ٻڌايو.



**هدايت :** ١. ماستر شاگردن کي چتر بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائي ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.
٢. ماستر شاگردن کان پاڃين جي مارڪيٽ جي آزمودي بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائي پاڃين جي اَگهه بابت ڄاڻ لِکڻ لاءِ چوندو.

# ٥. يڪ تندرستي هزار نعمت

ٻڌو. پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.



’يڪ تندرستي هزار نعمت جو اهو مطلب آهي تہ جيڪڏهن انسان تندرست آهي تہ هُن وٽ هزار نعمتون آهن. جيڪڏهن بدن تندرست هوندو تہ دل ۽ دماغ بہ سُٺو سهڪار ڏيندو. تندرست ماڻهو حياتيءَ جو هر مزو پوريءَ طرح ماڻي سگهي ٿو. تندرستيءَ کان سواءِ زندگيءَ ۾ سُک ماڻڻ بلڪل ناممڪن آهي. بيمار ماڻهوءَ کي ڪا بہ ڳالهہ مٺي نہ لڳندي آهي. اَهڙو ماڻهو پنهنجو پاڻ مان ئي بيزار هوندو آهي.

هڪ چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي ’اوچتو روٽي کائڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي. ڊاڪٽر وٽ ويو. جنهن چڪاس ڪري ٻڌايو تہ ڪيس ڪئنسر جو مرض آهي. ڪجهہ وقت چُپ رهڻ کان پوءِ هن ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ ڏينهن ۾ ٻہ ٽي دفعا هوُ تماڪ کائيندو آهي، هيءَ بيماري شايد اُن جو ئي نتيجو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هوُ گهٽي تڪليف ۽ سخت سوُر سبب ڦٿڪڻ لڳندو آهي. ڊاڪٽر کيس تماڪ جي اِستعمال لاءِ سخت منع ڪئي.

سچ چيو اَٿن تہ جنهن وٽ تندرستي آهي اُن وٽ خوشين جو خزانو هوندو آهي. خوشيءَ جهڙي ٻي ڪا خوراڪ ٿي نٿي سگهي.

تندرستي آهي تہ دنيا بہ پيئي وڻندي، پر جي مَنَ ۾ ئي مونجهہ هوندي تہ سارو سنسار سوُر پيو ڀاسندو. تندرست رهڻ لاءِ گند ڪچري کان پري رهڻ گهرجي. نشيدار شين کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي. سويل سُمجهي سويل اُٿجي. سايون ڀاڄيون ۽ ڦل کائجن، صبح شام جو ڪجهہ وقت پَنڌُ ضرور ڪجي. برگر، پيزا، چائنيز فاسٽ فوڊ جو واهپو گهٽ نہ ڪرڻ گهرجي. ڪسرت ڪرڻ سان صحت ٺيڪ رهندي. بيمار ٿيڻ جي حالت ۾ ڪچيءَ ۾ ئي مرض جو علاج ڪرائڻ گهرجي. تندرستيءَ کي قائم رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. صحت جي سنڀال ڪجي. چو تہ تندرستي ئي انسان جي سچي دؤلت آهي.

**نوان لفظ :**

تندرستي - صحت　　چڪاس - جاچ　　نعمت - سوغات　　واهپو - استعمال　　بيزار - تنگ

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) تندرست رهڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟
٢) بيمار ماڻهوءَ جي زندگي ڪيئن آهي؟
٣) ماڻهو ڊاڪٽر وٽ ڇو ويو؟
٤) ڊاڪٽر چڪاس ڪري ڪيس ڇا چيو؟
٥) تندرست رهڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**سوال ٢ : ڏنگين ۾ ڏنل لفظن مان صحيح لفظ چونڊي خال پريو :-**

١) بدن تندرست هوندو ته ....... به سڀ سهڪار ڏيندا. (هٿ ۽ پير، دل ۽ دماغ)
٢) ڏينهن ۾ ٻه ٽي دفعا هوءَ........ کائيندو آهي. (تماڪ، روٽي)
٣) خوشيءَ جهڙي ٻي ڪا ............... ٽي نٽي سگهي. (خاصيت، خوراڪ)
٤) صبح، شام جو ڪجھ وقت ........... ضرور ڪجي. (پنڌ، آرام)

**سوال ٣ : هيٺين جملن مان 'ضمير' ڳولهي لکو :-**

١) اِنسان تندرست ته هُن وٽ هزار نعمتون آهن. ☐
٢) ڊاڪٽر چڪاس ڪري چيُس ته ڪيس ڪئنسر جو مرض آهي. ☐
٣) ڪڏهن ڪڏهن هو گهٽي تڪليف ۽ سُور سبب ڦٿڪڻ لڳندو آهي. ☐

**سوال ٤ : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

سهڪار.................. تندرست.................. خوش.................. صبح.................. ممڪن..................

**سوال ٥ : هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

مزو ماڻڻ، ڪنارو ڪرڻ، بيزار ٿيڻ، سهڪار ڏيڻ، سک ماڻڻ، چُپ رهڻ

**هدايت :-** ماستر شاگردن کي سُٺي صحت جي اَهميت سمجهائيندي، ٻيون به ڪيتريون ضروري ڳالهيون ٻڌائيندو.
**مشغولي :-** 'صحت جي سنڀال' وشيه تي شاگرد گهران ڏهه سِٽون لکي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

١) سُٺي صحت لاءِ مڪمل کاڌو، صاف پاڻي ۽ تازي هوا تمام ضروري آهن.
مڪمل کاڌي ۾ نشاستي وارا کاڌا، سٽيپ، پروٽين، معدني لوڻ ۽ وٽامن اِهي بناوتي جزا، مقرر انداز ۾ هئڻ گهرجن.
اَچو ته وٽامنس جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪريون:

| وٽامن | گهٽتائي سبب ٿيندڙ بيماريون |
|---|---|
| A | رات اونداهي |
| B | بيري بيري |
| C | اِسڪروي |
| D | رڪيٽس |

وٽامن A، B، C ۽ D ڪهڙين ڀاڄين ۽ ميون ۾ موجود هوندا آهن. اِها ڄاڻ توهان پنهنجي اُستاد ۽ مائٽن جي مدد حاصل ڪري چارٽ ناهيو.

۲. سلن واري مُگَن جو ڪچومبر (سلاد) ٺاهڻ جو طريقو.



**سامگري :** مُگ، بصر، ٽماٽا، لوڻ، چاٽ ، مصالحو، ساوا ڌاڻا.

**طريقو :** ۱. مُگ ست اَٺ ڪلاڪ پاڻيءَ ۾ پُسائي رکو.

۲. پُسيل مڱن مان پاڻي ڪڍي ڇڏيو.

۳. سلن نڪرڻ لاءِ پُسيل مڱن کي ڪپڙي ۾ ٻڌي ست اَٺ ڪلاڪ رکو.

۴. سلن نڪتل مڱن ۾ سنهو بصر، ٽماٽو ۽ ساوا ڌاڻا ڪٽي، لوڻ ۽ چاٽ مصالحو وجهي ملايو.

تيار آهي توهانجو سلن واري مُگَن جو ڪچومبر (سلاد).

سلن وارا مُگ اَسانجي صحت لاءِ تمام سُٺا آهن. اَسين اُهي اِئين يا رڳو چاٽ مصالحو وجهي بہ کائي سگھون ٿا. مُگَن جي بدران موٺ (مٺکي) کڻي بہ ساڳئي طريقي سان ڪچومبر (سلاد) ٺاهي سگھجي ٿو.

۳. هينيان کاڌي جا پدارٿ تيار ڪرڻ وقت جيڪي ڪاڌي جوُن ترتيبون ڪجن ٿيون، اُنهن جي سامهون (✓) ڪريو.

| ترتيبون / پدارٿ | اوٻارڻ | ٻاڦڻ | ترڻ | پچائڻ | رڌڻ |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱) پٽاٽن جا پراٺا | | | | | |
| ۲) ڪچالوُ | | | | | |
| ۳) کِچڙي | | | | | |
| ۴) اِڊلي | | | | | |
| ۵) پڪوان | | | | | |
| ٦) چولا | | | | | |
| ۷) پڪوڙا | | | | | |
| ۸) دال، چانور | | | | | |
| ۹) ڦُلڪا | | | | | |
| ۱۰) ڍوڪلا | | | | | |

پڙهو، پڙهو ۽ سمجهو.

# ٦. يوگيتا جي سڦلتا



يوگيتا گجواڻي نالي هڪ ڇوڪريءَ جو جنم پوني شهر ۾ ٿيو. يوگيتا جو پتا هندستاني هو ۽ ماءُ فرينچ قوم جي هئي. يوگيتا سُهڻي ۽ موهيندڙ ٻالڪي هئي، ماتا پتا کيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا ۽ پيار منجهان هن کي 'يوگي' ڪري سڏيندا هئا.

يوگيتا جنم وقت بلڪل صحتمند ٻالڪي هئي پر هڪ سال کان پوءِ سندس ٽنگون ڪمزور ٿيڻ لڳيون، جنهن ڪري هوءَ هلي ڪونہ ٿي سگهي. مائٽن هُن کي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو. ڊاڪٽر کيس جس لوڪ اِسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي صلاح ڏني، اُتي سندس ٽنگن جو ننڍو آپريشن ڪيو ويو. اُن کان پوءِ سندس ٽنگون ٺيڪ ٿيڻ لڳيون. ڪجهہ سالن کان پوءِ هوءَ آهستي آهستي هلڻ لڳي. هاڻي هوءَ پنڌ ڪري پاڻيهي اِسڪول ويندي هئي. ماتا پتا کيس پنجن سالن جي عمر ۾ ترڻ سيکاريو. هوءَ روز شام جو تلاءَ ۾ ترڻ لاءِ ويندي هئي.

ماتا پتا هُن جي صحت جو ڏاڍو خيال ڪندا هئا ۽ کيس هر قسم جي ڪسرت ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. هن جي شرير کي مضبوط ڪرڻ لاءِ کيس يوگا پڻ سيکاريو. ٻارهن سالن بعد هاڻي يوگيتا جي ٽنگن ۾ پوري شڪتي اَچي ويئي. هوءَ ۽ سندس ماتا پتا تمام خوش هئا. يوگيتا اِسڪول جي سپني راندين جي چٽاپيٽين ۾ ڀرو وٺڻ لڳي. هُن ترڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي راندين ۾ گهڻيئي اِنعام کٽيا.

يوگيتا اِسڪول جي پڙهائي پوري ڪري هاڻي ڪاليج ۾ پڙهڻ لڳِي. پونا يونيورسٽيءَ جي ترڻ جي چٽاپيٽيءَ ۾ يوگيتا پهريون نمبر آئي. سندس فوٽو ڪيترن ئي اَخبارن ۾ ڇپيو.

اُن ڏينهن يوگيتا ۽ سندس ماتا پتا جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. اهو ڏينهن انهن لاءِ سڀاڳو ڏينهن هو. يوگيتا جي ماتا پتا جي سهڪار ۽ سندس اَٽڪ ڪوشش ۽ آتم وشواس ڪين اِهو ڏينهن ڏيکاريو.

سچ پچ ٻارو جيڪڏهن من ۾ پڪو اِرادو، پاڻ ۾ آتم وشواس ۽ همت آهي تہ اُن کي سڦلتا ضرور ملندي.

**نوان لفظ :**

چٽاپيٽي - مقابلو    موهيندڙ - وڻندڙ    اَٽڪ - لڳاتار

## اَڀياس

سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-

۱) يوگيتا جو اسپتال ۾ علاج ڇو ڪرايو ويو؟
۲) يوگيتا جي ٽنگن ۾ شڪتي ڪيئن آئي؟
۳) يوگيتا جو فوٽو اَخبار ۾ ڇو ڇپيو؟
۴) هن سبق مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

سوال ۲ : خال ڀريو :-

۱) يوگيتا گجواڻي نالي هڪ ڇوڪريءَ جو جنم ....... شهر ۾ ٿيو.
۲) پيار منجهان هن کي ....... ڪري سڏيندا هئا.
۳) ڊاڪٽر ڪيس ............... اِسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي صلاح ڏني.
۴) ڪجهه سالن بعد هاڻي يوگيتا جي ........... ۾ پوري شڪتي اَچي ويئي.
۵) پونا يونيورسٽيءَ جي ....... چٽاڀيٽيءَ ۾ يوگيتا پهريون نمبر آئي.

سوال ۳ : (الف) ضد لکو :-

ننڍو ................. آهستي ................. سچ ................. سياڻو ................. خوشي .....................

(ب) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو :-

خوشيءَ جي حد نہ رهڻ، ڀرو وٺڻ

(ب) هيٺين جا عدد بدلايو :-

ڇوڪري ............. شهر ............. ٽنگون ............. ٻالڪي ............. چٽاڀيٽي ............. صلاح .............

> هدايت : ماستر شاگردن کي مٿئين ڪهاڻي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.
> مشغولي : ماستر شاگردن کي اهڙي قسم جون ٻيون ڪجهه ڪهاڻيون گڏ ڪري ڪٽي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

۱. چاڻ حاصل ڪري رانديگر جي نالي اَڳيان مناسب راند جي خاني ۾ (✓) ڪريو.

| رانديگر | بلئرڊ | ڪرڪيٽ | بئڊمنٽن | لان ٽينس | شطرنج | فوٽ بال | هاڪي | شوٽنگ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سائنا نيهوال | | | | | | | | |
| وشوناٿن آنند | | | | | | | | |
| ڌيانچند | | | | | | | | |
| سانيا مرزا | | | | | | | | |
| سچن تيندولڪر | | | | | | | | |
| اَنجو بندرا | | | | | | | | |
| پنڪج آڏواڻي | | | | | | | | |
| نريندر هيراڻي | | | | | | | | |

۲. توهان کي ڪهڙي راند وڻندي آهي. اُن بابت ۱۰ جملا لکو.

## صِفَت

۱) مون وڻ تي سندر پکي ڏٺو.
۲) هي رستو سوڙهو آهي.
۳) رام سياڻو ڇوڪرو آهي.
۴) سال ۾ ٻارهن مهنا ٿيندا آهن.

پهرئين جملي ۾ 'سُندر' لفظ پکي جي خاصيت ٻڌائي ٿو.
ٻئين جملي ۾ 'سوڙهو' لفظ رستي جي باري ڄاڻ ڏئي ٿو.
ٽئين جملي ۾ 'سياڻو' لفظ رام جو گڻ ٻڌائي ٿو.
چوٿين جملي ۾ ٻارهن مهنن ۾ ٻارهن لفظ مهنن جو عدد ٻڌائي ٿو.
سندر، سوڙهو، سياڻو، ٻارهن اِهي سڀ لفظ صفت آهن.

**اُهو لفظ جيڪو اِسم يا ضمير جو گڻ، اوگڻ، اَنداز يا عدد ٻڌائي اُن کي صفت چئبو آهي.**

هيٺين جملن مان صفت ڳولهيو :-

| | |
|---|---|
| ۱) ڪاجل جو آواز مٺو آهي. | ☐ |
| ۲) چانهه ۾ کنڊ گهٽ آهي. | ☐ |
| ۳) ڏرمون کي چار اَنب آهن. | ☐ |
| ۴) مالا راند ۾ هوشيار آهي. | ☐ |
| ۵) باغ ۾ سهڻا وڻ آهن. | ☐ |

## وندر جو وقت

۱) هيٺ ڏنل شَيُن مان جيڪي توهانجي گهر ۾ هُجن تِن جي سامهون (✓) جي نشاني لڳايو ۽ جيڪي نہ هُجن، تِن جي سامهون (X) جي نشاني لڳايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ليپ ٽاپ | ☐ | رانديڪا | ☐ | واشنگ مشين | ☐ |
| غاليچو | ☐ | پينگهو | ☐ | اي. سي. | ☐ |
| ڪئميرا | ☐ | ڪمپيوٽر | ☐ | فِرِج | ☐ |

۲) هيٺ ڏنل جڳهيُن مان جيڪي توهانجي گهر جي پرسان هُجن، تِن جي سامهون (✓) جي نشاني لڳايو، جيڪي پرسان نہ هُجن، تِن جي سامهون (X) جي نشاني لڳايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ٻئنڪ | ☐ | ٽِڪاڻو | ☐ | باغُ | ☐ |
| ڪاليج | ☐ | اِسپتال | ☐ | شاپنگ مال | ☐ |
| هوٽل | ☐ | اِسڪول | ☐ | پوسٽِ آفيس | ☐ |

# ٧. سائيڪل



ٻڌو. ڳايو ۽ ڪم آڻيو.

بابي آندي هڪ سائيڪل
اُن سان منھنجي آهي دِل،
اُٿي صبح جو صاف ڪيان مان،
چڙهي اُنهيءَ تي چڪر ڏيان مان.

مون سان هردم ساٿ نڀائي،
مِنٽن ۾ اِسڪول پُڄائي،
کپي نہ ڊيزل يا پيٽرول،
وڏو نہ هن جو آهي مُلھ.

کپي نہ مونکي ڀيو رانديڪو،
ڇُپي نہ ڦيٿي ۾ بس ڪوڪو،
مون لئہ بيحد آهي ڪارگر،
وڏو ٿيان تہ بہ صحي سراسر.

نوان لفظ :

مُلھ - قيمت   بيحد - تمام   پُڄائي - پهچائي

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :

١) شاعر جي دِل ڪنهن سان آهي؟
٢) سائيڪل ساٿُ ڪيئن ٿي نِڀائي؟
٣) سائيڪل هلائڻ لاءِ ڇا نہ کپندو آهي؟
٤) سائيڪل بيحد ڪارگر ڪيئن آهي؟

سوال ٢ : هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو :-


١) اُٿي صبح جو ......... چڪر ڏيان مان.
٢) کپي نہ ڊيزل ......... آهي مُلھ.
٣) کپي نہ مونکي ......... ڪوڪو.

هدايت : ماستر شاگردن کي هيءُ بيت لئہ تال سان ٻڌائي، اُنهن کان چوائيندو.

مشغولي : ماستر اَڄُ جي سائنس جي ترقيءَ واري زماني ۾ سائيڪل جي اهميت وشيہ تي شاگردن کي گهر مان ڏهہ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

۱) وينا نئين سائيڪل خريد ڪئي. هوءَ پنهنجي سائيڪل جي ڏاڍي سنڀال ڪندي آهي. صحيح وقت تي سائيڪل جي ڦيٿن ۾ هوا ڀرائيندي آهي. ڪل پرزن کي تيل ڏيندي آهي. روز سائيڪل صاف ڪندي آهي.

اَهڙي نموني هيٺين ساڌنن جي سنڀال ڪيئن ڪجي. اهو لکو.

| | |
|---|---|
|  | ............................................................ |
|  | ............................................................ |
|  | ............................................................ |
|  | ............................................................ |

۲) خالي چوڪُنڊن ۾ مناسبُ جُملا لِکو:-

| مثال | (وجيه) | (ورشا) |
|---|---|---|
| ڏسڻ | مان ڏسان ٿو. | مان ڏسان ٿي. |
| ۱) هلڻ | ............................ | مان هلان ٿي. |
| ۲) نچڻ | مان نچان ٿو. | ............................ |
| ۳) پڙهڻ | ............................ | مان پڙهان ٿي. |
| ۴) ڳائڻ | مان ڳايان ٿو. | ............................ |
| ۵) کلڻ | ............................ | مان کِلان ٿي. |
| ٦) چوڻ | مان چَوان ٿو. | ............................ |

۳) اَڄ شهرن ۾ آمدرفت جو مسئلو تمام گهڻو وڌي ويو آهي. اُهو مسئلو ڪيئن دور ڪجي. اُن لاءِ پنهنجا رايا لکو:-

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

# ٨. گُفتگو

ٻُڌو، پڙهو ۽ اَداڪاري ڪريو.



(اَڄُ آرتوار آهي. رامچند ٻارن کي راڻي باغ گهمائڻ وٺي آيو آهي. جدا جدا جانور ڏسي پاويش ۽ پاويڪا هڪ نئون مزو وٺي رهيا آهن. اوچتو پاويش پٽاٽي جي چپس ڪائي خالي پاڪيٽ هوا ۾ اُڇلائي ٿو. (رامچند رڙ ڪري ٿو.)

رامچند : پاويش! اِهو ڇا پيو ڪرين؟

پاويش : پاپا! ڇا ٿيو؟

رامچند : منهنجا سونا پٽ! اِئين خالي پاڪيٽ اُڇلائبو نہ آهي. ڏِسُ سامهون ٿوري نظر ڦيراءِ. جُدا جُدا جڳهين تي ڪچرو ڦِٽو ڪرڻ لاءِ ڏَبا رکيل آهن. اسان جو فرض آهي تہ هميشه اَسين ڪچرو ڪچري جي ڏبي ۾ ڦٽو ڪريون.

پاويش : ها پاپا. مونکان غلطي ٿي ويئي. اَڳتي مان ڪچرو ڪچري جي ڏبي ۾ ئي وجهندس. پر پاپا، مان ڏسان ٿو تہ ماڻهو ڪجهہ بہ ڪائي، ڪچرو ڪٿي بہ ڦٽو ٿا ڪن. ڏسو هِتي جونا ٻير، ٻچيل ڪاڏي جا ٽڪر ۽ سامهون پِٽ تي پانَ جي ٿُڪن جا نشان اِن ڪچري کي ڏسي سَچُ پڇُ منُ خراب ٿي پوي ٿو.

رامچند : ها پُٽ، اِن ڪچري سبب من تہ خراب ٿئي ئي ٿو پر ساڳئي وقت اِهو ڪچرو ڪيترين ئي بيمارين جو ڪارڻ پڻُ بڻجي ٿو.

پاويڪا : پاپا، هَرهڪ ماڻهو جيڪڏهن پنهنجو فرض سمجهي ڪچرو فقط ڪچري جي ڏبي ۾ ڦٽو ڪري تہ ماحول وڻندڙ بڻجي پوي. اَسان جي ٽيچر ٻڌايو آهي تہ سڄي ڀارت ۾ 'ڪچرا هٽائو' هلچل شروع آهي. جنهن موجب 'سوَڇ ڀارت، سِوسٿ ڀارت' جو نعرو سيني جي زبان تي آهي.

رامچند : ها پاويڪا، توُن سچُ ٿي چئين. اَسان جي آفيس ۾ بہ اِن ڳالهہ ڏاڍو زور ورتو آهي. جهڙي ريت اَسين گهر ۾ صَفائي رکندا آهيون. اَسان پاڙي، شهر ۽ ديش جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ بہ ڪچرو هٽائي صفائيءَ وارو ماحول آڻيون. ڀارت جو هرهڪ حصو اَسانجو آهي ۽ اَسين ڀارت جا آهيون.

پاويش : ها پاپا، مان هرهنڌ اِهو سنديش پُهچائيندس.

پاويڪا : ها پاپا، مان بہ اِها هرهنڌهلچل هلائيندس.

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :

١) رامچند ٻارن کي گُهمائڻ لاءِ ڪٿي وٺي ويو؟
٢) اَسانکي ڪچرو ڪٿي ڦٽي ڪرڻ گهرجي ؟
٣) ڪن ڪچري سبب ڪهڙا نقصان ٿين ٿا؟
٤) سِيني جي زبان تي ڪهڙو نعرو هو؟
٥) ديش ۾ صفائيءَ وارو ماحول ڪيئن آڻي سگهبو؟

سوال ٢ : هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟

١) ’پاويش! اِهو ڇا پيو ڪرين؟‘
٢) ’ها پاپا مونکان غلطي ٿي ويئي.‘
٣) ’اَسانجي آفيس ۾ بہ اِن ڳالهہ ڏاڍو زور ورتو آهي.‘
٤) ’ها پاپا، مان بہ هرهنڌ اِها هلچل هلائيندس.‘

سوال ٣ : هيٺيان خال ڀريو :-

١) منهنجا سونا پٽ! اِئين ........ پاڪيٽ اُڇلائبو نہ آهي.
٢) جُدا جُدا جڳهين تي ڪچرو ڦٽو ڪرڻ لاءِ ........ رکيل آهن.
٣) اِن ڪچري کي ڏسي سچ پچ مَن ..... ٿي پوي ٿو.
٤) مان هرهنڌ اِهو ...... پهچائيندس.

سوال ٤ : (الف) : هيٺين جا ضد لکو :-

اَڳتي .................. خالي ...................... خراب ...................... وٺندڙ .................. صفائي ..................


(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو :-

مزو.................. غلطي ...................... زبان .................. سچ .................... صفائي ......................

**هدايت :** ماستر، شاگردن کي صفائيءَ جي اَهميت سمجهائيندو.
**مشغولي :** توهان پنهنجي اِسڪول ۽ پاڙي کي ڪيئن صاف رکندا، اُن بابت هڪ رٿا تيار ڪريو ۽ اُنکي عمل ۾ آڻيو.

## پورڪ اَڀياس

١. گندگي ٿيڻ سان مڇرن جو آزار ٿئي ٿو. اَئنافليز مڇر جي مادي مليريا جو بخار ڦهلائي ٿي. مڇرن سبب ڊينگو جو بخار پڻ ٿئي ٿو. مڇرن کان بچڻ لاءِ توهين ڪهڙا اُپاءَ وٺندا. ڪي پنج اُپاءَ لکو.



٢. پاڄيءَ واري ۽ چوڪريءَ جي وچ ۾ گُفتگو لکو.

**١. ڏنل خانن ۾ برابر اکر لکو :-**

١) هِڪُ اَنگُ (هِڪ اَکَرَ)
٢) هِڪُ جيتُ (ٻہ اَکَرَ)
٣) هِڪُ گُل (ٽي اَکَرَ)
٤) هِڪُ پکي (چار اَکَرَ)
٥) سال جو هِڪُ مهنو (پنج اَکَرَ)
٦) هِڪُ واهڻُ (ڇهہ اَکَرَ)
٧) نرتيہ جو هِڪُ قسمُ (سَت اَکَرَ)

**٢. هيٺ هم آوازي لفظ ڏنل آهن. شاگرد اَهڙا ٻيا اَهم آوازي لفظ ڳولهي لکي ايندا.**

| | | |
|---|---|---|
| تارا | ڪارا | پيارا |
| هارُ | ٻارُ | بارُ |
| نرم | گرم | ڪرم |
| ٻرَ | سرَ | پرَ |
| رُکي | دُکي | سُکي |
| مينا | ٽينا | رينا |
| ڀڳتي | مستي | شڪتي |



## سندر سکيائون

**٣. پڙهو لکو ۽ عمل ۾ آڻيو.**

١) سيني سان عزت پريو وهنوارڪجي.
٢) سُٺن ماڻهن سان دوستي ڪجي ۽ سُٺا ڪتاب پڙهجن.
٣) ڪوڙ نہ ڳالهائجي.
٤) سويل سُمجهي، سويل اُٿجي.
٥) غلطي ٿيڻ تي اُنکي سويڪار ڪجي.
٦) پهرين وڏن کي ويهڻ جي جڳهہ ڏجي.
٧) هرڪا شيءِ مقرر جڳهہ تي رکجي.
٨) بنا پُڇڻ جي ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ نہ لڳائجي.
٩) هميشہ پنهنجو ڪمُ پاڻ ڪجي.
١٠) پاڻ کان ننڍن کي پيار ڪجي.
١١) وَقت جي اَهميت سمجهجي
١٢) وَڻ، ٻوٽا اَسان لاءِ نعمت آهن. اُنهن جي سارَ سنڀالَ ڪجي.
١٣) قدم، قسم ۽ قلم سنڀالي کڻجي.
١٤) پکي ۽ پسُن کي سَتائڻ نہ گهرجي.
١٥) پنهنجي زبان تي ضابطو رکجي.

# ۹. اِنصافُ

ٻُڌو. پڙهو ۽ لِکو.



راجڪمارُ سِڌارٿُ هِڪ ڏينهن باغ ۾ وَڻَ هيٺان وينو هو. اَچانَڪ هُنَ جي هنجَ ۾ هِڪُ گهايلُ هَنسُ اَچي ڪِريو. گهايل هَنسُ تڪليف وچان ڦَٿڪي رَهيو هو. سِڌارَٿ تہ هو ئي دَيالوُ. هُن هَنس جا زخمَ صاف ڪري اُنهن تي ملم لڳائي. اُن بعد سِڌارَٿُ هَنس تي آهستي آهستي هَٿُ ڦيرڻ لڳو. هَنسَ کي آرام اَچي ويو. ٿوري دير بعد سِڌارٿ وٽ سندس سؤٽ ديودت آيو ۽ کيس چيائين، 'هِن هَنسَ کي، مُون تير هڻي ڪيرايو آهي. اِهو مُنهنجو شڪار آهي، اِن ڪري هِنَ تي تنهنجو ڪوبہ حقُ نٿو بَڻجي. هِنَ تي مُنهنجو حقُ آهي.'

آخر اِنصاف لاءِ معاملو راجا وٽ پُهتو. راڄ دَربار ۾ ٻنهي پنهنجي پنهنجي ڳالهہ تي زور ڏنو. راجا ٻِنهي جا بيان ٻُڌي فيصلو ڏنو تہ هِن پکيءَ تي سِڌارٿ جو حقُ آهي. ڇو تہ مارڻ واري کان بَچائڻ واري جو حقُ وڌيڪ هوُندو آهي.

اُهو ئي راجڪمار سِڌارَٿُ اَڳتي هَلي گوتم ٻُڌ جي نالي مشهوُر ٿيو. هُنَ سڄي دُنيا کي پريم ۽ اَهنسا جو سنديش ڏنو.

## اَڀياس



**سوال ١ : هيٺيان خال ڀريو :**

١) گهايل هنس ....... وچان ڦٿڪي رهيو هو.
٢) اُهو مُنهنجو .......... آهي.
٣) آخر اِنصاف لاءِ ..... راجا وٽ پهتو.

**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) سِڌارٿ هنس جي جانِ ڪيئن بچائي؟
٢) ديودت هنس تي حق ڇو جمائڻ لڳو؟
٣) راجا ڪهڙو فيصلو ڪيو؟
٤) سڌارٿ اَڳتي هلي ڪهڙي نالي سان مشهور ٿيو؟

**سوال ٣ : هيٺيان جملا ڪنهن ، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) 'هن هنس کي مون تير هڻي ڪيرايو آهي.'
٢) 'پر مون هن جو علاج ڪري ڪيس بچايو آهي.'
٣) 'مارڻ واري کان بچائڻ واري جو حق وڌيڪ هوندو آهي.'

**سوال٤ : (الف) : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

آهستي ............... مارڻ ..................... اِنصاف ................. پريم ................. اَهنسا .................

**(ب) هيٺين لفظن جا عدد بدلايو :-**

معاملو ............... ڳالهه ..................... فيصلو ................. ڪوشش ................. حق .................

**هدايت :-** ماسٽر شاگردن کي پکين، پسن لاءِ پيار، همدردي ۽ اُنهن جي اَهميت سمجهائيندو.
**مشغولي :-** ماسٽر شاگردن کي گوتم ٻُڌ جي جيونيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري هڪ قصو يا ڪهاڻي لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻُڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

## پورڪ اَڀياس

١) هن آکاڻيءَ کي ديودت ۽ سڌارٿ جي گفتگوءَ جي روپ ۾ لکو.
٢) گوتم ٻُڌ تي ڏهه جُملا لکو.

**ماٺ ۾ پڙهو :-**

رينوءَ کي پالتو جانورن سان ڏاڍو پيار هو. ڪڏهن ٻليءَ جي پونگڙن سان تہ ڪڏهن وري ڪُتيءَ جي گُلڙن سان پيئي راند ڪندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن رينو اسڪول مان گهر اَچي رهي هئي، تڏهن گهر جي ويجهو هڪ ٻليءَ جي ٻچڙي کي ڦٿڪندي ڏٺو. اُن کي سنڀالي گهر کڻي آئي. ڪيس کير پيئارِيائين ۽ سڄو ڏينهن سندس سنڀال ڪيائين. شام جو ٻليءَ جو ٻچڙو چرپُر ۾ اَچي ويو. اِهو ڏسي رينو تمام گهڻو خوش ٿي. ٻين کي خوش ڪرڻ سان اِنسان پاڻ بہ خوش رهي ٿو.



# ١٠. سُنا ٻار

ٻُڌو، ڳايو، سمجھو ۽ عمل ۾ آڻيو.







سُھڻا منڙا ٻار بڻون،
ھردم آگياڪار بڻون.

ھردم سچ جي ٻولي ٻوليون،
سيوا، تياڳ جون پايون چوليون،
گُڻگراھي گُلزار بڻون،
سُھڻا منڙا ٻار بڻون.

عيبن کان مُنھن موڙيون ھردم،
سِک جو ناتو جوڙيون ھردم،
جيون جو سينگار بڻون،
سُھڻا منڙا ٻار بڻون.

وير مان ڪجھ پِي ورڻو ناھي،
ٻَل ٻَڌيءَ ۾ ’گھايل‘ آھي،
وڏڙن جو آڌار بڻون،
سُھڻا منڙا ٻار بڻون.



**نوان لفظ :**

هردم - سدائين
آڳياڪار - ڇيو مڃيندڙ
تياڳ - قرباني
ڳٽڳِراهي - ڳُڻ ڳرهڻ ڪندڙ

گُلزار - گلن جو باغ
عيب - بُرائي
مُنهن موڙڻ - پاسو ڪرڻ

ٻل - طاقت
ٻَڌي - ايڪتا
آڌارُ - سَهارو

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) شاعر هردم ڇا ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟
٢) شاعر ڇا کان منهن موڙڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) جيون جو سينگار ڪيئن بڻجي سگهبو؟
٤) ٻلُ ڇا ۾ آهي؟
٥) شاعر هن ڪوتا ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

**سوال ٢ : هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ بيت جون سٽون ڳولهيو :-**

| جُملو | بيت جي سٽ |
|---|---|
| **مثال :** اَسانکي براين کان پري رهڻ گهرجي. | عيبن کان منهن موڙيون هردم. |
| ١) دشمنيءَ مان ڪجهه به حاصل نہ ٿيندو. | |
| ٢) سيني سان پيار پريو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. | |
| ٣) ٻين جون سٺيون ڳالهيون ڪٽڻ گهرجن. | |
| ٤) ايڪتا ۾ ئي شڪتي آهي. | |
| ٥) هميشہ سچ ڳالهائڻ گهرجي. | |

**سوال ٣ :** 'س' اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ لکو. (١) .................... (٢) ...................... (٣) ............................

**سوال ٤ : بيت ۾ ڏنل بہ هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.** (١) ................X................ (٣) ............X...............

**هدايت :** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت لئہ تال سان ٻُڌائي، اُنهن کان چوائيندو.
**مشغولي :** ماستر شاگردن کي چوندو تہ 'ڳُڻوان ٻالڪ' وشيہ تي ڏهہ سِٽون گهران لکِي اَچو.

## پورڪ اَڀياس

١. ڏنل مثال موجب چوکنڊا ڀريو:


| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سچائي | سچو | تياڳ | ........ | آڳيا | ........ |
| ........ | ايماندار | ........ | سيوڪ | ........ | سُنو |

٢. هيٺ ڏنل لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهيو :

سُهڻا، سيوا، ٻلُ، سچ

# ١١. دياوان دادا

ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



مکڻ کي ٿوري گرمائش ڏبي آهي ته مکڻ رِجي پوندو آهي. سچا سنت ٻين جو ڏک درد ڏسي رِجي پوندا آهن. سندن دل ديا جو درياهه هوندي آهي. سندن من ۾ سنيهه ۽ سهانڀوتيءَ جو ساگر ٿيندو آهي. سچو سنت اُهو آهي جو پر پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي اُن کي دور ڪري.

دادا جشن واسواڻي ننڍپڻ کان ئي دياوان آهي. هوُ ٻال اوستا ۾ ئي ڪو فقير ڪو اَپاهج يا بکايل ڏُکايل ڏسندو هو ته پنهنجي کيسي جي خرچي اُن کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي ٻالڪ جشن ڪراچيءَ جي هڪ بازار مان لنگهي رهيو هو ته سندس نظر رانديڪن جي هڪ دُڪان تي پيئي. هو دڪان اَندر گهڙي ويو. اُتي قسمين قسمين جا رانديڪا رکيل هئا. اُنهن رانديڪن ۾ هڪ ريل گاڏي به هئي. سندس دل هئي ته هوُ اُها پٽن تي هلندڙ ريل گاڏي خريد ڪري. هُن دڪاندار کان ريل گاڏيءَ جو مُلهه پُڇيو. دڪاندار وراڻيو، ٻه روپيا. اِهو جواب ٻُڌي ٻالڪ جشن سوچ ۾ پئجي ويو. تن ڏينهن ۾ ٻن روپين جو وڏو مُلهه هوندو هو. هر ٻار کي پائي، ٻه پايون يا پئسو خرچي ملندي هئي. ٻالڪ جشن خيال ڪيو ته روز هڪ پئسو گڏ ڪري اِها ريل گاڏي خريد ڪندس. ڪڏهن ڪڏهن هوُساڳئي دڪاندار کان وڃي پڇي ايندو هو ته متان اُن ريل گاڏيءَ جو اگهه گهٽ ٿيو هجي. دڪاندار کيس چوندو هو ته، 'جڏهن تون ٻه روپيه کڻي ايندين، تڏهن ئي توکي اِها ريل گاڏي ڏيندس.'

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ٻالڪ جشن جو مامو سندس گهر ۾ آيو ۽ ٻالڪ جشن کي پاٻوهه مان چانديءَ جا ٻه روپيه ڏنائين. ٻالڪ ٻه روپيه خرچي وٺي خوشيءَ ۾ نه سمايو. هوُ اُن وقت ئي رانديڪن جي اُن دڪان تان اُها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ نڪتو. جڏهن بازار ۾ آيو ته هُن هڪ فقيرياڻي ڏٺي. جنهنجي هنج ۾ هڪ ڪمزور بيمار ٻار هو. هوءَ پڪاري رهي هئي درد ڀريئي آواز ۾، 'ڏاتيءَ جي نالي هُن بيمار معصوُم جي دوا لاءِ هڪ روپيو دان ڏيو'

فقيرياڻيءَ جي درد ڀري پُڪار جشن جي ڪَنن تي پيئي، ٻالڪ جو ڌيان اُن ڏانهن ويو. پر ڪيترن ڏينهن کانپوءِ ريل گاڏي خريد ڪرڻ جي تمنا ڪيس هڪدم رانديڪن جي دڪان تي ڇڪي ويئي.
هن دڪاندار کي چيو، ’اَڄ مان اُها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، مون کي اُها ريل ڪڍي ڏيو.‘ دڪاندار به ٻالڪ کي ڏسي خوش ٿيو. شيشي جي ڪٻٽ مان اُها ريل گاڏي ڪڍي، اُگهي، جئن ٻالڪ کي ڏنائين، اُن وقت اُها فقيرياڻي اُتي اَچي دلسوز آواز ۾ هڪ روپئي جي دان لاءِ پڪارڻ لڳي.
دڪاندار ڪيس ڪاوڙجي هڪالڻ لڳو. ٻالڪ جشن جي دل ڀرجي آئي. هن هڪدم اُها ريل دڪاندار کي واپس ڪئي ۽ چانديءَ جا ٻه روپيه اُن فقيرياڻيءَ کي جهول ۾ وجهندي ڪيس چيو، ’هن معصوم کي جلد ڪنهن سُني ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏج. ڪيس ڪير به پيئارج.‘
فقيرياڻي دعائون ڪندي رمندي رهي. دڪاندار ٻالڪ جشن جو وهنوار ڏسي دنگ رهجي ويو ته کهڙو نه انوکو ٻار آهي! ٻالڪ جشن عجيب خوشي محسوس ڪئي.
ڪنهن جو ڪيو اَجايو ڪين ٿو وڃي. دکين، دردين ۽ درويشن جون دعائون اِنسان کي اوچ پدويءَ تي پهچائين ٿيون. ڪنهن به دکيءَ جي دل وٺڻ ثواب جو ڪم آهي.
اَڄ دادا جشن واسواڻي ساري سنسار ۾ شانتي، پريم ۽ ديا جو سنديش سُڻائي رهيو آهي. دادا جشن ڀريون ڀارتيه آهي، جنهنکي آمريڪا ۾ ’يوٿانت‘ شانتي پُرسڪار سان سنمانت ڪيو ويو.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| سنيهه - سڪ | ثواب - پُڇ | پاپوهه - پيار | دُعا - آسيس |
| عنايت - مهرباني | سهانيوتي - همدردي | معصوم - اَبوجهه | دِلسوز - دکدائي |

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) سچو سنت ڪير آهي؟
۲) ٻالڪ جشن ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ کهڙي رِٿا رِٿي؟
۳) ٻالڪ جشن کي ڪنهن خرچي ڏني؟
۴) ٻالڪ فقيرياڻيءَ کي ٻه روپيه ڏيندي ڇا چيو؟
۵) دڪاندار ڇو دنگ رهجي ويو؟

**سوال ۲ : خال ڀريو :-**

۱) سچا سنت ٻين جو دک درد ڏسي ...... وانگر رِجي پوندا آهن.
۲) رانديڪن ۾ هڪ ......... به هئي.
۳) فقيرياڻي ٻالڪ جشن کي ......... ڪندي رمندي رهي.
۴) دکين، دردين ۽ درويشن جون دعائون انسان کي ...... تي به پهچائين ٿيون.

**سوال ۳ : ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟**

۱) ’ٻه روپيه‘.
۲) ’ڏٽيءَ جي نالي هن بيمار معصوم جي دوا لاءِ هڪ روپيه دان ڏيو.‘
۳) ’اَڄ مان اِها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.‘
۴) ’هن معصوم کي ڪنهن سني ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏج ۽ ڪيس ڪير به پيئارج.‘

**سوال ۴ : جنس بدلايو :-** فقير ............ ٻالڪ ............... دوست ............ ماتا ............................


**هدايت :** ماستر شاگردن کي سيوا، همدرديءَ جي اَهميت سمجهائيندو.
**مشغولي :** شاگرد دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون بابت وڌيڪ ڄاڻ هٿ ڪري گهران لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**۱) هيٺ سنڌي سماج جا مشهور سنڌي سنت ڏنل آهن. ڪنهن بہ ٻن سنتن جي ڄاڻ حاصل ڪري لِکو.**

(۱) ساڌوُ ٽي. ايل. واسواڻي (۲) سوامي ٽيئوُرام (۳) سوامي شانتي پرڪاش (۴) سنت ڪنوررام
(۵) سائين سترامداس (٦) بابا هرداسرام (گودڙيءَ وارو) (۷) سوامي ترلوڪداس (۸) بابا آسوُدارام

**۲. ماڻِهِ پڙهو**



علم اِنسان جي ٽين اَک چئبي آهي، علم وارو ماڻهو هرهنڌ عزت پائي ٿو. ڊاڪٽر، اِنجنيئر، وڪيل ۽ جج علم سبب ئي پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. علم موجب جي عمل ڪبو تہ وڏيڪ سڦلتا حاصل ٿيندي. ڊاڪٽر آمبيڊڪر، سنت ونوبا ڀاوي، سوامي وويڪانند علم کي عمل ۾ آندو اِن ڪري سندن نالو اِتهاس ۾ اَمر ٿي ويو.



**۳. هيٺ ڏنل سنت سڃاڻو ۽ اُنهن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪريو.**







## وندر جو وقت

**ٻڌايو تہ ڪير؟**

۱. اُهو ڪير آهي، جنهنجو ريلوي ڊپارٽمينٽ سان ڪو بہ واسطو نہ هوندي بہ هو سڄي ڀارت ۾ ريل رستي ڪٿي بہ مفت ۾ وڃي سگهي ٿو. (..........................................................)

۲. اُهو شڪتيشالي ماڻهو ڪير آهي، جيڪو هٿ جي اِشاري سان سيني موٽر گاڏين کي بيهاري سگهي ٿو؟ (..........................................................)

۳. اُها ڪهڙي چيز آهي، جنهن کي توهان ڏٺو ضرور هوندو پر اُن کي توهان جڏهن چاهيو، تڏهن ڏسي نٿا سگهو. (..........................................................)

۴. اُها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا توهان محسوس ڪري سگهو ٿا پر ڏسي نٿا سگهو. (....................................)

۲. طوطو يا ڪُتي جو گُلڙو لاءِ ڪلپنا ڪري ڪويتا يا پنج ڇهہ جُملا لِکو.



# ١٢. خطُ

ٻُڌو. پڙهو ۽ لِکو.

لعل سائين اَپارٽمينٽ
چيمبور.
ممبئي - ٧۴
تاريخ، ١٥ فيبروري ٢٠١٦

پيارا دوست اَنيش،

تنهنجو خط مليو، پڙهي بيحد خوشي ٿي. توکي واڌايون هجن. تون جنرل ناليج جي اِمتحان ۾ سڄي ممبئيءَ ۾ پهريون نمبر آئين. منهنجي گهر وارا پڻ اِهو ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿيا.

ناتال جي موڪلن ۾ اَسانجي شهر ۾ ضلعا سطح تي اِنٽر اِسڪول راندين جي چٽاپيٽي ٿي. اَسانجي اِسڪول ونجهہ وٽي، ڪرڪيٽ ۽ ڊوڙ راند ۾ بهرو ورتو. توکي ٻڌي خوشي ٿيندي تہ مون ڊوڙ راند ۾ بهرو وٺي پهريون اِنعام کٽيو. ضلعي جو ڪليڪٽر اِنعامي جلسي جو مکيہ مهمان هو. اُن هٿان مونکي چانديءَ جو ميڊل انعام مليو.

راندين مان ڪيترائي فائدا آهن. گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڀاونا وڌي ٿي. صحت سالم رهي ٿي. مان چاهيان ٿو تہ تون پڙهڻ سان گڏ راندين ۾ پڻ بهرو وٺي پاڻ موڪيندين.

ٻبلي کي منهنجو پيار ۽ ماتا پتا کي نمسڪار ڏج. هن خط جي جواب ۾ دير نہ ڪج.

سک مان،
تنهنجو دوست،
ساگر.

**نوان لفظ:**

ونجهہ وٽي - راند جو هڪ قسم    صحت - تندرستي    بيحد - تمام گهڻو    سالم - قائم

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

١) هيءُ خط ڪنهن، ڪنهنکي لکيو آهي؟
٢) اَنيش ڪهڙي امتحان ۾ بهرو ورتو؟
٣) ساگر جي اِسڪول ڪهڙين راندين ۾ ڀاڱ ورتو؟
۴) اِنعامي جلسي جو مکيہ مهمان ڪير هو؟
۵) راندين مان ڪهڙا فائدا آهن؟

**سوال ٢ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

چٽاپيٽي، اِمتحان، ڀاونا، بيحد

سوال ٣ : هيٺ ڏنل جملن ۾ صحيح (✓) ۽ غلط لاءِ (X) نشان ڪريو :-

١) اَنيش چيمبور ممبئيءَ ۾ رهندو آهي.
٢) ساگر جنرل نالیج اِمتحان ۾ پهريون نمبر آيو.
٣) ناتال جي موڪلن ۾ راندين جي چٽاڀيٽي ٿي.
٤) ساگر کي سونو ميڊل اِنعام مليو.

**هدايت :** ماستر شاگردن کي روايتي ۽ غير روايتي خط جا قسم سمجهائيندو.
**مشغولي :** سنيتا پنهنجي ساهيڙيءَ کي پنهنجي جنم ڏينهن تي اَچڻ لاءِ نيند ڏئي ٿي. اهو خط ٻار گهران لکي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

ماستر شاگردن کي سنڌي راندين بابت چاڻ ڏيئي راند ڪرائيندو.



## وندر جو وقت

١) خانن ۾ ڏنل اَکرن مان اَلڳ اَلڳ نالا ٺاهيو :
مثال : راجيش، نيها

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪ | آ | و | ي |
| ت | ش | ن | ر |
| ڪ | ل | ج | ه |

نالا
........................................
........................................
........................................
........................................

٢) خانن ۾ ڏنل اَکرن جو استعمال ڪري هيٺ ڏنل خال ڀريو :

| | | | |
|---|---|---|---|
| ه | ٻ | ر | ڪ |
| ي | ڙ | ل | م |
| و | ڊ | ڇ | گ |

١) هڪ گُل ........................................
٢) هڪ جيت ........................................
٣) هڪ جانور ........................................
٤) هاري جو ڀيو نالو ........................................
٥) سنڌين جي وڏندڙ هڪ ڀاڄي ........................................
٦) ڀِت تي هلندڙ هڪ ساهوارو ........................................

# هولي

ڏِسو. جاچيو ۽ ٻُڌايو.



**هدايت :** (۱) ماستر شاگردن کي چتر ڏيکاري ڏِڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ اُن بابت ڄاڻ ٻُڌائڻ لاءِ همٿائيندو.
(۲) ڏيکاريل ڏڻ بابت گهر مان پاڻ لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# ١٣. لال بهادر شاستري

پڙهو ۽ لکو.



ڀارت رتن، سچي سماج شيوڪ لال بهادر شاستريءَ جو جنم ٢ آڪٽوبر ١٩٠۴ع تي اُتر پرديش جي مُغل سراءِ شهر ۾ ٿيو. هُن جو پتا شاردا پرساد ورما ۽ ماتا رام ڊُلاري ديوي هُئي.

شاستري اَڃا ڏيڍ سال جو مس هُئو تہ سندس پتا پرلوڪ سڌاريو. سندس ماتا کيس ناناڻي گهر، مِرزاپور وٺي ويئي. اُتي ئي سندس پالڻ پوشڻ ٿيو. لال بهادر شاستريءَ ننڍپڻ کان ئي گهڻيئي تڪليفون ڏٺيون. ڪيترا ڀيرا اِسڪول لاءِ کيس ندي پار ڪري وڃڻو پوندو هو. لال بهادر شاستري تياڳي پُرش هئو. ايمانداري، فرض اَدائيءَ جي ڀاونا هُن ۾ ڀريل هئي. هوُ تمام سوابِماني هو. سندس رهڻي ڪهڻي ڪاڏو پيتو سادو هو. ڪيترا دفعا ڪاڏو بہ پاڻ تيار ڪري ڪائيندو هو ۽ پنهنجا ڪپڙا بہ پاڻ سُبندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي. لال بهادر پنهنجي ساٿين سان رام نگر ۾ ميلو ڏسڻ ويو. اُنهن ڏينهن ۾ بنارس مان رام نگر وڃڻ جو وسيلو ٻيڙي ئي هو. نديءَ تي پُل نہ ٺهيل هئي. لال بهادر پنهنجي دوستن سان سڄو ڏينهن ميلي ۾ گُهميو. شام جو سندس ساٿي ۽ ٻيا ماڻهو بنارس واپس موٽڻ لڳا. ساٿين کيس واپس هلڻ لاءِ چيو پر هوُ اُتي ئي تَرسيو ڇو تہ هُن وٽ ٻيڙيءَ جو ڀاڙو نہ هو. جيڪڏهن هوُ ساٿين کي اِها ڳالهہ ٻڌائي ها تہ هوُ ٻيڙيءَ جو ڀاڙو پاڻ ڀري وٺي وڃنس ها. انڪري هوُ شانت رهيو. رات جو ٻارهان تي ويا هئا. لال بهادر ڀڳوان جو نالو وٺي گنگا ۾ ٽپو ڏنو. هوُ ترندو ترندو اَچي ڪناري پهتو.

مهاتما گانڌيءَ جي لَلڪار تي سنہ ١٩٢١ع ۾ ١٧ سالن جي عُمر ۾ هُن قومي هلچل ڏانهن وِک وڌائي ۽ 'ڀارت ڇڏيو هلچل' ۾ سرگرم ڀهرو ورتو. هوُ ڪيترا دفعا جيل ۾ بہ ويو. لال بهادر سوديشي هلچل، لوُڻ ستياگرهہ، هاري ڪِرانتي هلچل وغيره ۾ اَهم يوگدان ڏنو.

پَنڊت نهروءَ پنهنجي ڪَئبينيٽ ۾ شاستري کي سڀ کان وڌيڪ ڀِڪنداڙ رَتن سمجهندو هو. ننڍي يا وڏي مسئلي تي شاستري کان صلاح وٺڻ ضروُري سمجهندو هو.

پَنڊت جواهرلعل نهروُءَ کانپوءِ هوُ ديش جو پرڌان منتري بڻيو. لال بهادر شاستريءَ پدُ سنڀاليو ارڙهن مهنا، پر ڪَمُ ڪيائين ارڙهن سالن جا. هُن 'جئہ جوان، جئہ ڪسان' جو نعرو ڏيئي ديش کي پاڻ تي ڀاڙڻ جي راهہ ڏيکاري.

شروعات کان پڇاڙيءَ تائين سندس جيون، اَٽڪ محنت، ڌيرج، تياڳ ۽ تپسيا جو مثال رهيو.

اَهڙي خلق خِدمتگار، ديش ڀڳت، ايشور ڀڳت ۽ سچي ڪرم يوگي لال بهادر شاستريءَ کي اَسانجا ڪروڙين پرڻام.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| خوددار - پاڻ تي ڀاڙيندڙ | وِک وڌائڻ - اَڳتي وَڌڻُ | لازمي - ضروُري |
| راهہ ڏيکارڻ - رستو ڏيکارڻ | خلق - عوام، جنتا | خِدمتگار - شيواڌاري |

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب هِڪ ٻن سٽن ۾ لکو:-

١) لال بهادُر شاستريءَ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

٢) هو اِسڪول ڪيئن ويندو هو؟

٣) هڪ دفعي شاستري دوستن سان ڪٿي گُهمڻ ويو؟

٤) لال بهادُر شاستريءَ جي خودداريءَ جا ٻه مثال ڏيو.

٥) لال بهادُر شاستريءَ ڪهڙو نعرو ڏنو؟

سوال ٢ : هيٺين سوالن جا تورِي ۾ جواب ڏيو:-

١) لال بهادُر شاستريءَ جي رهڻي ڪهڙي ڪهڙي هُئي.

٢) ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ شاستري ڪهڙو يوگدان ڏنو؟

سوال ٣ : هيٺين جملن مان صِفت ڳولهيو؟

١) لال بهادُر شاستري هوشيار ٻار هو. [ ]

٢) رام ايماندارُ ڇوڪرو آهي. [ ]

٣) 'اَنبُ تمامُ مِٺو آهي. [ ]

٤) ماستر شاگرد کان پنج سوال پڇيا. [ ]

سوال ٤ : هيٺيان خال ڀريو :-

١) لال بهادُر شاستري وٽ ..... جو پاڙو ڪونه هو.

٢) پنڊت نهروُ پنهنجي ڪئبينيٽ ۾ شاستريءَ کي سڀ کان وڌيڪ ڀڪندڙ ...... سمجهندو هو.

٣) ماتا ڪيس ناناڻي گهر ......... وٺي ويئي.

سوال ٥ : ضد لکو:-

ڳُڻ .................. اِيماندار .................. اڦيورو .................. ننڍو .................. سچ ..........................

**هدايت :** ماستر شاگردن کي لعل بهادر شاستيءَ بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏُيندو.

**مشغولي :** لعل بهادر شاستريءَ جي جيونيءَ بابت ڏهه جملا لکو.

## پورڪ اَڀياس

هيٺيون ٽڪر پڙهي ڏنل مشغوليون ڪريو.

مهاتما گانڌيءَ کي راشٽرپتا ڪري مڃيو ويندو آهي. مهاتما گانڌيءَ جو جنم ٢ آڪٽوبر ١٨٦٩ع ۾ سؤراشٽر جي پوربندر ۾ ٿيو. سندس نالو موهنداس هو ۽ پتا جو نالو ڪرمچند ۽ ماتا جو نالو پتلي ٻائي هو. سندس ماءُ ڏاڍي ڌارمڪ ويچارن جي هئي. ننڍي هوندي هوُ ٻُري سنگت جو شڪار ٿيو. پر جيئن ئي پاڻ سنڀاليائين، پنهنجي پيءُ سامهون پڇتاءُ ظاهر ڪيو. پوءِ اڳيان هلي هو آدرشي انسان بڻيو.

۱. ٽڪر ۾ ڏنل نالا ڳولهي گولن ۾ لکو.

۲. ٽڪر مان اهي لفظ ڳولهيو جيڪي هنديءَ ۾ بہ استعمال ڪيا ويندا آهن.

مثال : ڏارمڪ

## آواز جي غليظائي

### پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.

اَسان جا ڪن شيشي جا هجن ها تہ ڦاٽي پون ها.




- سيٽي سان آهستي ڳالهايو.
- گهر ۾ ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر يا ٽي. ويءَ جو آواز گهٽ رکو.
- آواز ڪرڻ وارين شين جو آواز گهٽ رکو.
- عام جڳهين تي وڏن اسپيڪرن ۽ اَئمپليفاير ذريعي سنگيت گانا نہ وڄايو.
- آوازي ڦٽاڪا نہ ٻاريو.
- ڪار وغيره هلائڻ وقت بنا سبب جي هارن نہ وڄايو.

**ڌيان رکو :** اَسانجي ڪن جو پردو تمام نازڪ هوندو آهي. آواز جي غليظائي سبب دائما ٻوڙاپ ٿي سگهي ٿي.

**مشغولي :** (۱) آواز جي غليظائيءَ سبب اسانکي ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون ٿي سگهن ٿيون؟ گهر وارن يا اَڌياپڪ جي مدد سان چارٽ حاصل ڪري لکو.
(۲) پاڙيءَ ڪي غليظ ٿيڻ کان ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ لِکو.

# ۱۴. مُندوُن



سَڄي سال ۾ پنج مُندوُن ٿيندِيوُن آهِن. بَهارَ جي مُندَ، سَيني مُندُن جي راڻي آهي. هِن مُندَ ۾ وڻ ٽِڻ ساوا ٿين ٿا. باغن ۾ گُل ڦُلَ ٽِڙن ٿا ۽ پکي منڙيون ٻوليوُن ٻولين ٿا.

بَهار کان پوءِ اونهارو اَچي ٿو. هِن مُندَ ۾ سخت گرمي ٿِئي ٿِي. هن مُند ۾ هلڪا ۽ سوٽي ڪپڙا پائبا آهن. پاڻيءَ جي اُڃ تمام گهڻي لڳندي آهي. هِنَ مُندَ ۾ اَنب، ڄموُن، هنداڻا، توُت جام ٿين ٿا.

اونهاري کان پوءِ برسات جي مُند اَچي ٿي. جنهن کي چوماسو به چئجي ٿو. چوُماسي ۾ نديون، ڍنڍوُن ۽ تلاءَ ڀرجي ويندا آهِن. چوڏاري ساوڪ نظر ايندي آهي. هِن مُند ۾ پوک بِہ جام ٿيندي آهي.

برسات کان پوءِ سرءُ جي مُند اَچي ٿي. جنهن ۾ گهميل هوا لڳي ٿي. وڻن ۽ ٻوٽن جا گُلَ ۽ پن ڇڻن ٿا.

چوُماسي کان پوءِ سياري جي مُند اَچي ٿي. هِن مُندَ ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ اَسين گرم ڪپڙا پائيندا آهيون. اِن ريت مُندن جو چڪر سدائين چالوُ رهي ٿو. هرڪنهن مُند کي پنهنجي اَهميت آهي.

## اَڀياس

سوال ۱. هيٺين سوالن جا جواب لکو:-

۱. سڄي سال ۾ گهڻيون مُندون ٿينديون آهن؟

۲. سيني مُندن جا نالا لکو.

۳. اونهاري ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڦل ٿين ٿا؟

۴. چوماسي جي مُند ۾ ڇا ڇا ٿيندو آهي؟

سوال ۲. هيٺين ۾ خال ڀريو:-

۱. ............ جي مُند سيني مُندن جي راڻي آهي.

۲. برسات جي مُند کي ........... بہ چئبو آهي.

۳. سرءُ جي مُند ۾ وڻن ۽ ٻوٽن جا گُل ۽ پن ......... ٿا.

۴. سياري جي مُند ۾ اَسين ......... ڪپڙا پائيندا آهيون.

سوال ۳. هيٺيان لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.

۱. سخت ۲. ساوڪ ۳. ٿڌي ۴. راڻي.

## پورڪ اَڀياس

۱. توهان کي ڪهڙي مُند پسند آهي ۽ ڇو؟

۲. اَڌياپڪ يا مائٽن جي مدد سان مُندن جو عرصو لکو.

۳. اَڄ ڪلهہ توهان مُندن ۾ ڪا ڦير گهير محسوس ڪئي آهي ڇا؟ جيڪڏهن ها تہ ڪهڙي؟ لکو.

۴. ’قدرت‘ وشيہ تي ۵ سِٽون ڪويتا يا ڄاڻ لکو.

# پالڪي

**هيٺيون ٽڪر ماٺ ۾ پڙهو :**



شولاپور جي ويجهو پندرپور هڪ وڏو تيرٿ آستان آهي. اُتي ونوباجيءَ جو مندر آهي. سڄو سال اُتي ڪيترائي شرڌالو ويندا آهن.

پوني جي ويجهو ديهوُ ڳوٺ ۾ آلنديءَ کان هر سال الڳ الڳ پالڪي نِڪرندي آهي. پالڪيءَ سان گڏ ڪيترا ياتري پنڌ ڪري ويندا آهن. پندرپور پوني کان اَٽڪل ڏيڍ سؤ ميل پري آهي. ياتري روز ۵ کان ١٠ ميل پنڌ ڪندا آهن. مينهن پوي يا اُس هجي هي ياتري پرواهه ڪين ڪن، هٿ ۾ جهانجهه ڪٽي ڪيرتن ڪندا 'جئه هري وِٺل' چوندا وڃن، ڪين ڪاڌي پيتي جي پرواه ڪونه هوندي آهي. ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ مان ته ڪڏهن ڪنهن شهر مان لنگهن. لوڪ گهڻيئي شيون ڪٽي اَچي ڪين ڏين. اُهي سمجهندا آهن ته ياترين جي سنڀال لهڻ پُڄ جو ڪم آهي. هي سڀ ياتري پالڪيءَ سان گڏ آڪاڙي ڳِيارس تي پندرپور پهچندا آهن.

## اَچو ته کِلون



١ - اَنيل :- ۵ لڏون ۾ چار ماڻهو، ته ڪيئن ڳالهه ٿهندي؟
سُنيل :- مان پنهنجي پاءُ کي هيٺئر وٺي اَچان ٿو.



٢- پٽ : - بابا! اَسين سپاڻي مالا مال ٿِي ويندا سين.
پيءُ :- سو ڪيئن؟
پٽ :- سپاڻي ماسٽر صاحب اَسانکي پئسن مان روپيه ٺاهڻ سيکاريندو.

- توهانکي وڻندڙ هڪ چرچو لِکو ۽ ڪِلاس ۾ سڀني کي ٻڌايو.

## اَچو تہ سِکون

### پڙهو ۽ لِکو.

١. ماستر شاگردن کي هيٺين بابت وڏيڪ چارٽ ڏيندو.



**٢. جانور :** (Animals)

كُتو (Dog)   ٻِلي (Cat)   گهوڙو (Horse)

شينهن (Lion)   چيتو (Tiger)   هرڻ (Deer)

واگهه (Crocodile)   گِدڙ (Jackal)   ٻگهڙ (Wolf)

اُٺ (Camel)   ٻڪري (Goat)   رِڍ (Sheep)

ڍڳو (Bull)   گينڊو (Rhinoceros)   باندر (Monkey)

مانگر مڇ (Whale)   نانگ (Snake)

گڏهه (Donkey)   هاٿي (Elephant)

**٣. پيشا :** (Profession)



واڍو (Carpenter)   درزي (Tailor)

ڌوٻي (Washerman)   وڪيل (Lawyer)

سونارو (Gold smith)   نائي (barber)

لوهار (Iron smith)   ڪوَلي (Porter)

موچي (Cobbler)   مزور (Worker)

اَڌياپڪ (Teacher)   ڪڙمي (Farmer)

چاڪي / تيلي (Oilman)   اَداڪار (Actor)

ڪُنڀارُ (Potter)   ڊاڪٽر (Doctor)



**١. پکي :** (Birds)

ڪانو (Crow)   مور (Peacock)

باز (Eagle)   ڳجهه پکي (Vulture)

ٻُلبل (nightangle)   ڪوئل (Cuckoo)

جهرڪي (Sparrow)   ڪُڪڙي (Hen)   هنس (Swan)

ڪبوتر (Pigeon)   طوطو (Parrot)

چِبرو (Owl)   ڪُڪڙ (Cock)   ٻدڪ (Duck)

